
# چنڊ چهرو محبوب جو

( شاعراڻا احساس )

سيد غلام حيدر شاهه قلندري

انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ



سڀ حق ۽ واسطا محفوظ آهن


كتاب جو نالو: چنڊ چهرو محبوب جو (شاعراڻا احساس)

شاعر: سيد غلام حيدر شاهہ قلندري

ڇاپو پهريون: 2019ع

ڇپائيندڙ: انجمن غلامِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ انفارميشن شعبو

ڪمپوزنگ ۽ سهڙيندڙ: شيرخان پنهور

ٽائيٽل ڊيزائن: مهراڻ سهتو

تعداد: 500

قيمت : 150 رپيا.


**All Rights are Reserved at Publisher**


**CHAND CHEHRO MEHBOOB JO**
**POETIC FEELINGS.**
**1ST EDITION : © 2019**
**PUBLISHED BY: A.G.Q.W SINDH INFORMARTION DEPARTMENT.**
**COMPOSING: Sher Khan Panhwar.**




# نڪربو نيهن نراڙ مان

اهو فطري عمل آهي تہ هر ماڻهوءَ جا پنهنجا پنهنجا ڪجهہ احساس ٿيندا آهن, اهي لفظن جو روپ ڌاريندا آهن ۽ ائين تاريخ جي ورقن ۾ اهڙو ڪوڙ سارو مواد ملندو رهي ٿو. آئون پڻ هڪ انسان آهيان گهڻو ڪجهہ سوچيان ٿو يقينن, مگر مون پنهنجي لفظن کي آزاديءَ جو ماحول ڏنو آهي, شاعري جي قيد بند کان, وزن بحر جي پائبندين کان آجو هڪ احساساتي روپ ڇٽي سگهجي ٿو الله سائين جي انبيائن تي وحي, اولياء ڪرامن تي الهام ۽ خيال, ائين اسان ڇرين کي لفظي چاشني جو چشڪو مليو آهي, جيڪو گهڻن عيبن ۽ خامين سان اوهان آڏو پيش ڪجي ٿو وڏا وڙ اسان جي پياري شيرل شيرخان جا جنهن ڪتاب جي صورت ۾ هنن احساسن کي آڻڻ لاءِ وڏا جتن ڪيا ۽ سائين الطاف ملڪاڻي ڪان رهنمائي ورتائين منهنجيون دعائون آهن, الله پاڪ اوهان کي پنهنجي حفظ امان ۾ رکي.

سيد غلام حيدر شاهہ قلندري.

# مان صوفي هان

جهيڙو آه توسان جهيڙو،
اي ظالم تون سان جهيڙو آه،
تنهنجي رنگ ڍنگ کي نہ ڄاڻان مان،
نہ قوم زبان سڃاڻان مان،
منهنجو فقط هڪ قول آه،
منهنجو هي ٻول آه،
مونکي نفرت تنهنجي ڪمن سان،
تنهنجي ڪرتوتن ڪردارن سان،
تون ويس ڪهڙا پائين پلي،
تون دين ڌرم جي ڳالھ ڪرين،
تون هام هڻين نفرت جي،
تون نفس جو قيدي آه،
تون ڪوڙ هڻين ٿو خلق سان،
تون وياج وارن پئسن سان،
خريد ڪرين انصاف پيو،
نيڪ بزرگ ظاهر ٿي،
ڪڏهن حاجي ۽ نمازي ٿي،
تون ويري آهين،



هن ديس جو،
تو ويران ڪيا ويڙها گهٽا،
تون عادي آهين فسادي آهين،
حق نعرو ۽ ”حيدر“ منهنجو آه،
هي ڀٽائي رسالو منهنجو آهي،
هي سچل سبق منهنجو آه،
هي حامي جامي رومي ۽ شيرازي،
هي حافظ اقبال منهنجا آهن،
هي لال قلندر، داتا گنج،
هي پيغام سڀ پنهنجا آهن،
مان صوفي هان مان صوفي هان،
محبت مذهب منهنجو آه،
منهنجي محبت جو تنهنجي نفرت سان جهيڙو آه،
جهيڙو آه،
جهيڙو آه.

* * *

دنيا کي هٽي نٽ نوڙي نچائين ٿا،
اهي ئي قلندر آهن،
اهي ئي قلندر سڏائين ٿا،
اهي ئي تہ قلندر آهن،
اڄان مون کان پڇي پيو،
تصوف ۽ فلسفي جون ڳالهيون،
جيڪي پاڻ کي پاڻ ۾ لڪائين ٿا،
اهي ئي قلندر آهن،
اهي ئي قلندر سڏائين ٿا،
اهي ئي تہ قلندر آهن،
رمز رازن جا اونها اسرار اندر ۾،
لڪائن ڇپائين ٿا،
اهي ئي قلندر آهن،
اهي ئي قلندر سڏائين ٿا،
اهي ئي تہ قلندر آهن،
”حيدر“ حيدر جي استادي ۾ رهي،
ڪامل ڪمال ڪمائين ٿا،
اهي ئي قلندر آهن،
اهي ئي قلندر سڏائين ٿا،
اهي ئي قلندر آهن،
زماني کي آڱرين تي هلائين ٿا،
اهي ئي قلندر آهن،
اهي ئي قلندر سڏائين ٿا،
اهي ئي تہ قلندر آهن.

❊❊❊



قلندر کي نہ ڪرامت تي آهي يقين "حيدر"،
استقامت تي انحصار آهي ڪم فقيرن جو.

❊❊❊

هي علم علي آه،
هي فيض قلندري آه،
ورثو پيو انهن جو،
ورچ پيو انهن جي،
اسين تابع آهيون "حيدر"،
هلي حڪم پيو انهن جو،
هي عمل تسليم رضا جو،
صم بڪم عمين جو،
ازلي عبدي قالو بلا جي قول جو،
اس تابع آهيون "حيدر"،
هلي حڪم پيو انهن جو.

❊❊❊

سالن کان واسطو رهيو تو سان عشق،
اڄ پڇين پيو هيءَ "حيدر" ڪير آهي،
چيو سچ سالڪن،
ڏنو زور زاهدن،
لکيو خوب ڪتابن،
لٿي دل جو نہ مليو ڪڏهن پير آهي،
سالن کان واسطو رهيو تو سان عشق،
اڄ پڇين پيو هيءَ "حيدر" ڪير آهي،
ڏسڻين سِ س اهڙا،
جو نہ ڄاڻين نہ سڃاڻين،
نقابن ۾ ڇا لاءِ رکيل دير آهي،
سالن کان واسطو رهيو تو سان عشق،
اڄ پڇين پيو هيءَ "حيدر" ڪير آهي،
ڪرائي اسان کان ادا اهڙيون ريتون،
ٿي پاڻ قاضي وري روبرو،
چوين هيءُ ڇريو ٿيو ڇوڪير آهي،
سالن کان واسطو رهيو تو سان عشق،
اڄ پڇين پيو هيءَ "حيدر" ڪير آهي،
ڪري ائين ڇانٽيون گلن کي ڪنڊن مان،
ڪڍين پاڻ ٻاهر،
وري ڏوهہ مونتي رکيو ڍير آهي،
سالن کان واسطو رهيو تون سان عشق،
اڄ پڇين پيو هيءَ "حيدر" ڪير آهي،
مون سمجهيو سڄو راز تنهنجو،
سمجهيو نہ سمجهيو فقط ان وڏو جنهن هيڏو وڏو وير آهي،
سالن کان واسطو رهيو تون سان عشق،
اڄ پڇين پيو هيءَ "حيدر" ڪير آهي.

***



مفت خور فقيرن کان،
پيٽ پريل پيرن کان،
وه وه وڏيرن کان،
ڏي پناه رب ڪريم،
گهر جي چورن کان،
زال جي زورن کان،
ڪم چور مزدورن کان،
ڏي پناه رب ڪريم،
ظالم جي هنج کان،
گهوڙي تکي جي سنج کان،
دنيا جي ريس پيچ کان،
ڏي پناه رب ڪريم.
بيوٽي پالر جي سونهن کان،
وسوسي ورونهن کان،
منافق جي منهن کان،
ڏي پناه رب ڪريم،
پيچ ڊائي امير کان،
ڪوڙي نقلي فقير کان،
لوفر راهزن پير کان،
ڏي پناه رب ڪريم،
چاپلوسي چغل خور کان،

سيلفي شغل شور ڪان،
پرائي پيسي زور ڪان،
ڏي پناه رب ڪريم،
عقل جي انڌي ڪان،
نشي واري ڏنڌي ڪان،
لاغرض رئيس واندي ڪان،
ڏي پناه رب ڪريم.
نالي دين اسلام جي،
ڪوڙي واعظي ڪلام جي،
اجائي واڪاڻ عام جي،
ڏي پناه رب ڪريم،
"حيدر" هيٺي حال ڪان،
سٽيي حرامي مال ڪان،
نفرت واري ڪمال ڪان،
ڏي پناه رب ڪريم.

***



هي محبتون،
هي محفلون،
هي سپ سفر سلوڪ جا،
هي رستا،
هي راهون هي پيچرا پنڌ پريت جا،
هي جوانيون،
هي تسبيحون،
مڙئي ڪم قريب جا،
وري طعنا ۽ تنڪا،
دڙڪا ۽ داٻا،
اهي رواج رڪاوٽ جا،
آهن اهي اڄاڻ ۽ نشان "حيدر" علامت عشق جا.

***

هي ميڪده قلندر آه،
جنهن جو امام عشق آهي،
جنهن جي هر جام ۾ "حيدر" ڏاڍو سرور آه.

***

ڪِن کي جيئري پڻ مرده جيان ڏٺوسين،
ڪِن کي مرڻ بعد پڻ قلندر سڏيندين ٻڌوسين،
اُهي عجب لقا جستجوِ بقا،
ڪِن کي غم ڏيندين،
ڪِن کي غم ڪشا ڏٺوسين،
ڪن کي عيش عشرتپ ِ يزيد،
ٿي سامهون حسيني نعرو ٻڌو سين،
اسان تہ "حيدر" حيدر جي پاڪرن ۾،
حق سچ جو نعرو هڻندين ڏٺوسين.

***

وڏيا وهڪرا نفرتن جا،
ٽٽا بندر محبتن جا،
نيا ڳن جا ڏسي نخرا،
جهڪيا ڪنڌ شرافت جا،
لٽا لوڏون ڪري لنگها،
حرص حوص جا پوڄاري،
اچي خيما اٽن کوڙيا،
فطنت ۽ عداوت جا،
قاضي جي قانونن کي ڪيو ڪمزور زور زر آه،
تڏهن لڳن پيا نعرا،
لاشن تي سياست جا،
ڪر ڪرم ڪو قادر،
ٿين هوڏون ختم ”حيدر“
ٿين ہوٿا سڪل ساوا اسان جي سنڌ سلامت جا.

***



ڏسو ٽولو ٻگهڙن جو،
خون خوار جانورن جو،
ڪري روپ نڪتا آهن،
انساني چهرن جو
ڪڏهن فقير،
ڪڏهن پير،
ڪڏهن امير چورائن ٿا،
ڪڏهن رهبر ڪڏهن رهزن،
هي ويس بي ضميرن جو
ڪڏهن چوري ڪڏهن زوري،
ڪڏهن مڻڪا تسبيح ڦيرائين ٿا،
گڏ نڪتو ٽولو رنگيلن جو،
حسد هانو ڏارين ٿا،
نفرت سينو ساڙين ٿيون،
ڏسو حال "حيدر" نقلي هن لٽيرن جو.

***

مرحلا در مرحلا،
آهي سفر ڪم صوفي جو
نہ ٿڪبو نہ ٿڪبو.
هلڻ قسم صوفي جو
ڪيڏي حيوان انسان مان،
انسان پيرن پنهنجن.
تي بيهارڻ اهڙو ازم صوفي جو.
نفرت جي جهان ۾،
پڌ هوڪا "حيدر" جا،
محبت ايمان آهي،
دين ڌرم صوفي جو.

❊❊❊

علم بحث ڪندو رهندو هميشہ "حيدر"،
عمل تماشو ڏسندو رهندو خاموشيءَ سان.

❊❊❊



## محبت جو ڏينهن

ضرورت ِ وقت آه،
هي مذڪور شرط آهي،
محبت جو ڪو ملهہ ناهي،
قيد بند لازم ناهي،
دل دل ۾ ڏسي پئي،
تلاش ڪجهہ ڪري پئي،
اک اک ۾ لڱل آهي،
اندازن ۽ نياز سان،
چهرو سجاڳي پيو چهري کي،
انسان انسان کي ڳولي پيو.
جنس جنس کي وڻندي آهي،
مگر انسان ڀڄي پيو انسان کان،
مگر اسان آهيون صوفي "حيدر"،
نالو اسان جو محبت آهي،
پيغام اسان جو صبر آه،
هڪ اسان جو مالڪ آه،
هڪ اسان جو خالق آه،
عشق اسان جو محبوب آه.

❊❊❊

مذمت آه،
مذمت آه،
اي انسانيت مذمت آه،
تو ڪنڌ جهڪائيو شرافت جو
امانت جو
عزازت جو
خيانت ڪئي تو خون سان،
پنهنجي نسل جهڙن سان،
توکي رحم ناهي شرم ناهي،
تون جانور آدم خور آهين،
تون روز ڳڙڪائين حياتيون پيو
تون نابين آه،
شاطر آه،
تون ويري وڏو بدڪار آه،
"حيدر" تو سان جهيڙو آه.

❊



## اسين چمچا سچ جا

ڪو ڪنهن جو چمچو
ڪو ڪنهن جو چمچو
اسين چمچا سچ جا،
ڪو مير جو ڪو پير جو
ڪو مولوي وڏيري ڪير جو،
اسين چمچا سچ جا.
ڪنهن جو ڪنهن ۾ ڪم ڦاٿو
ڪنهن ڄاتو ان کي پاتو
ڪنهن سڃاتو واهه واهه ۾،
ڪنهن پاتو تحفن ۾،
اسين چمچا سچ جا.
ڪنهن جون ڳالهيون ڳٽائڻ واريون،
رسمون سٽيپيون مٽائي واريون،
اسين چمچا سچ جا.
ڪن کي نشان وڪٽرين جا،
ڪن جون جوتون پوتون اڳيان پويان،
اسين چمچا سچ جا.
"حيدر" هوڪا عشق جا،
نعرا نينهن سبق جا،
راز اندر جي روح جا،
چريا ڪريا پانيون پاڻ،
اسين چمچا سچ جا.

❊❊❊

محبوبن جي مرضي،
نهارين نہ نهارئين مگر،
عشق وارا اکڙيون آڙائيندا ئي رهندا.
سڏي ويهاري،
لوڏي ڌڪارين،
اسان کي پنهنجو پلي نہ پڪارين،
درن تي داڀا کائيندا ئي رهندا.
محبوبن جي مرضي،
نهارين نہ نهارئين مگر،
عشق وارا اکڙيون آڙائيندا ئي رهندا،
قدمن جي قريب،
ٿيڻ جي خاطر،
چپ چاپ سامهون نهاريندا ئي رهندا .
عشق وارا اکڙيون آڙائيندا ئي رهندا.
محبوبن جي مرضي نهارين نہ نهارئين مگر،
عشق وارا اکڙيون آڙائيندا ئي رهندا.
ڇڏي لوڀ لالچ،
حوس ۽ حرص کي،
اڳيان سر "حيدر" نمائيندا ئي رهندا .
محبوبن جي مرضي،
نهارين نہ نهارئين مگر،
عشق وارا اکڙيون آڙائيندا ئي رهندا.

***



ڪلي حقيقت پوي "حيدر" ،
جي زندگيءَ گذارڻ جي افشان،
بنائي ساٿي سفر جو،
ڪرين سودو عشق وارن سان.

***

آئون ڪيئن آهيان ۽ ڇا آهيان؟
ڇا هٿ تي لکي ٻڌايان تہ ڇا آهيان،
جيڪو تون هي سوچين اهوئي آهيان .
بس برو يا ڀلو.
آئون ڪيئن آهيان ۽ ڇا آهيان؟
ڇا هٿ تي لکي ٻڌايان تہ ڇا آهيان .
"حيدر" ان نيڻن جو ڪُتل،
ماڻهو ڄاتل ۽ سڃاتل،
ڪڏهن سرد ڪڏهن گرم .
ڪڏهن جسم ۽ جان ۾ جلوا سرگذشت .
آئون ڇا آهيان،
آئون ڪيئن آهيان ۽ ڇا آهيان؟
ڇا هٿ تي لکي ٻڌايان تہ ڇا آهيان.

***

خاڪ ۾ آهي منصب "حيدر"،
جنهن ۾ ادب ناهي انسان جو،
ڪو سوالي آه سوال جو،
ڪو تونگر آهي تاج جو.

✽✽✽

ڪڏهن اوجهري بنيو گوشت،
منافق ٿيو آه دوست،
اهو ثابت آه تاريخ جي ڪتابن مان،
اسان جو منشور مشاهدو آه،
اسان جو دستور نرالو آهي،
اسان کي سبق حاصل آه،
پرين جي پيغامن مان،
اسان هڪ نگاه سان،
ڪيو پاڻ حوالي "حيدر"،
بس هاڻ ڪافي آه،
نقابن مان حجابن مان،
وڃي ڇا اسان جو گناهن ۽ ثوابن مان،
ٿئي يار جي راضي،
اسان جهڙن ڪسارن مان.

✽✽✽



آئون چوان چھرو ڏسي،
تون ڪٽي ڪاغذ لکين،
پاڻ گڏ ڪيئن هلي سگھون "حيدر"،
تنهنجي ٻيج زر ڏانهن،
منهنجو در ٻيي سگھارو آه.
تنهنجي نيت ۾ نانگ لڪل،
توتي ڇاپ لٽڪيل حوس جي،
تون هاٿي ٻچا مار.
منهنجو ڪيڙي ڪان ٻيي بت ڪنبي،
توکي شوق شهرت جو،
مونکي ڊپ دلبر جو،
آئون ڪريان سلجهائڻ جي،
تون ڪرين الجهائڻ جي،
تنهنجو منهنجو ڪيئن هلي ناتو "حيدر."
آئون چوان چھرو ڏسي،
تون ڪٽي ڪاغذ لکين،
پاڻ گڏ ڪيئن هلي سگھون "حيدر".

✽✽✽

سينگار ساڻ سهڻا سڄجي نہ پوان،
دين دنيا کان صفا ڪٽجي نہ پوان .
رنگ اهڙي ۾ چڏئي،
مونکي رنگي،
اويسي قلندري سڏجي نہ پوان.
جيئن جيئن لڄان پيو
تيئن تيئن رڙان پيو
پاڙو پريشان آهي،
ڪٿي تڙجي نہ پوان .
پنهنجو پاڻ کي لڪائي،
دنيا کان منهن مٽائي،
حيلا اهڙا هلائيم،
متان ظاهر ٿي نہ پوان .
هانءُ ڏري ٿو پوي "حيدر" ،
جڏهن بي نقاب نڪرين پيو محبوب،
ڪٿي اهڙي رسم ادا ٿي نہ وڃي،
جو ڪافر سڏجي نہ پوان.
سينگار ساڻ سهڻا سڄجي نہ پوان،
دين دنيا کان صفا ڪٽجي نہ پوان .
رنگ اهڙي ۾ چڏنئي،
مونکي رنگي،
اويسي قلندري سڏجي نہ پوان.

❊❊❊



رک هڪ يار سان ياري،
ٻيا سڀ ڪم ڪوڙا ٿئي .
ڏي ڪي هوڪا عشق وارا،
دنيا وارا ٻوڙا ٿئي .
چک ماکي محبت جي،
کائو کوئنر نينهن وارو
ڇهتائي چاه سيني ۾،
چس چس چوڙا ٿئي .
لڳائي لام لنئون ۾،
لگام نفس کي نڪ ۾،
نچائي ناز مان نس نس،
نازن منجهہ نوڙا ٿئي .
چپ چاپ طبيعت ڪيئن،
خاموش ٿي، خاموش،
”حيدر“ هڻ نعرو
هنئينء مان پار هوڙا ٿئي.
رک هڪ يار سان ياري،
ٻيا سڀ ڪم ڪوڙا ٿئي .
ڏي ڪي هوڪا عشق وارا،
دنيا وارا ٻوڙا ٿئي.

❊❊❊

سڀ سونهن صورتون،
سهڻا تنهنجي ڪري،
ٿي تخليق ڪائنات،
منهنجا مَنا تنهنجي ڪري،
هي جان جوڀن،
هي روا زندگاني،
هي ناز نينهن جي،
ٿي رسم ادا تنهنجي ڪري،
آدم کان عيسيٰ تائين،
عيسيٰ کان محشر تائين،
سڀ ڇاٽي ۾ ڪري،
تنهنجو خدا تنهنجي ڪري،
ڪئين هزارين "حيدر" جهڙا،
قربان قدمن تان ٿيان،
مام محبت جي ملي،
وارا نيارا تنهنجي ڪري،

***



جنهن کي چاهيم ان جو قسم،
اهو نور مجسم،
اهو نور مجسم،
جنهن ڀي ڪئي اچي شموليت شوق سان،
فرصت لاءِ ان کي واجهائيندين ڏٺم،
جنهن کي چاهيم ان جو قسم،
اهو نور مجسم،
اهو نور مجسم،
هئا صاف ظاهر،
صوفي نفيس نازڪ،
نشي نينهن ۾ رلنديں لڌم،
جنهن کي چاهيم ان جو قسم،
اهو نور مجسم،
اهو نور مجسم.
عشق ۾ "حيدر" جهموريت جو نالو نشان ناهي،
تاريخ جي ورقن ۾ ڏاڍو ڳوليو اٿم.
جنهن کي چاهيم ان جو قسم .
اهو نور مجسم،
اهو نور مجسم.

***

وڪٽي پاڻ پنهنجو،
ويهڻ اٿڻ ڇڏي ڏي،
هٽي نعرو نچي ڪڏي،
شرم رکڻ ڇڏي ڏي،
هي دستور دانائي آه،
هي مذڪور ملنگن جو،
هي ستم سهڻ جو،
روح جو روئڻ ڇڏي ڏي،
وڪٽي پاڻ پنهنجو،
ويهڻ اٿڻ ڇڏي ڏي،
هٽي نعرو نچي ڪڏي،
شرم رکڻ ڇڏي ڏي،
جتي انصاف ڪبو ناهي،
ان ڪي عشق ڇئبو آهي،
جي هلڻو اٿئي دوست،
تہ پوئتي ڏسڻ ڇڏي ڏي.
وڪٽي پاڻ پنهنجو،
ويهڻ اٿڻ ڇڏي ڏي،
هٽي نعرو نچي ڪڏي،
شرم رکڻ ڇڏي ڏي،
هي راه فقر آهي،
دم دم سان قيد آهي،
نڪرڻ ٻاهر مشڪل،
اها ڳالهہ ڪرڻ ڇڏي ڏي.
وڪٽي پاڻ پنهنجو،
ويهڻ اٿڻ ڇڏي ڏي،



هٽي نعرو نچي ڪڏي،
شرم رکڻ ڇڏي ڏي،
جتي سوچون صلب ٿين،
علم عقل پيي منتشر،
اتي عمل سوا،
سوچ سوچڻ ڇڏي ڏي،
وڪٽي پاڻ پنهنجو،
ويهڻ اٿڻ ڇڏي ڏي،
هٽي نعرو نچي ڪڏي،
شرم رکڻ ڇڏي ڏي،
بي ضرر ٿي "حيدر" ،
پوءِ ڪر ڳالهہ فقيري جي .
انسان ذات ڪي ڏنگ هڻڻ ڇڏي ڏي،
وڪٽي پاڻ پنهنجو،
ويهڻ اٿڻ ڇڏي ڏي،
هٽي نعرو نچي ڪڏي،
شرم رکڻ ڇڏي ڏي.

***

نڳن نڳيو نڳن ڪي،
ڏئي ڪوڙا دلاسا،
وري وريا اسان ڏانهن،
نوان ڪري مهاندا،
اسين مست مستي ۾ نشن نيهن ۾ "حيدر"،
اسان اڳي ئي نڳيل،
جانچيو وچي طرف ٻيا.

***

ڪجهہ سمجهائي ۽ سلجهائي،
هاڻ افشان ڪر ڪٽي،
هي راز "حيدر"، آهي چا .
هي خطا آهي يا جفا،
ٿيو سبب ڪو وفا .
آهي سزا يا جزا،
يا نيهن جي ڪا انتها .
ڪجهہ سمجهائي ۽ سلجهائي،
هاڻ افشان ڪر ڪٽي،
هاڻ افشان ڪر ڪٽي.

❊❊❊

ڪفيت قرب ۾،
جي غم خوشي ٿئي شامل،
تہ مقام چڻ حاصل،
ٿيو تسليم رضا جو "حيدر."

❊❊❊



جنهن جو ديرو دل ۾،
اهو نروار ٿيو نيڻن مان.
جنهن کي ڳولهيم هر هنڌ پئي،
اهو وري لڀي ويو پنهنجي ئي لڙڪن مان .
دنيا دنگ رهجي وئي،
حيران هزارين ٿيا الڳ،
چهرو چمڪي اٿيو ساه سڏڪن مان .
"حيدر" سچاڻي ورتو
دل جي پاڪرن مان .
پنهنجن پراون مان،
پراون پنهنجن مان .
محب محبوبن مان.
دوست دوستن مان.

❊❊❊

اسان جو منهن منور جي تابع،
ٽيو شمس قمر ان در جي تابع،
اهو دستور اسان جو آه،
اهو منشور اسان جو آه،
اسان جو دين ۽ ايمان ٿيو وڃي دلبر جي تابع،
اسان جو منهن منور جي تابع،
ٽيو شمس قمر ان در جي تابع،
اسان کي ڇا ڪرڻو آه،
اسان کي ڇا پڙهڻو آه،
اسان کي اهو ئي پوڪڻو آه،
جيڪو فصل ٿيو فقر جي تابع .
اسان جو منهن منور جي تابع،
ٽيو شمس قمر ان در جي تابع،
ليو پائي نہ لڪڻو آه،
سري عام نچڻو آه،
چوي ڪنهن کي ڇا چوڻو آه .
اسان جو شغل ٿيو،
قلندر جي تابع.
اسان جو منهن منور جي تابع،
ٽيو شمس قمر ان در جي تابع،
باقي ڇا رهيل آه،



ٻڌايو ڇا ٻچيل آه،
سيني اندر ڪجھ لڪيل آه،
اها راھ آه،
ان رهبر جي تابع.
اسان جو منهن منور جي تابع،
ٽيو شمس قمر ان در جي تابع،
علم ٿيو علم جي تابع،
عمل ٿيو عمل جي تابع،
باقي بچيو وڃي "حيدر"،
حيدر ٿيو حيدر جي تابع.
اسان جو منهن منور جي تابع،
ٽيو شمس قمر ان در جي تابع.

❋❋❋

اهڙ ِ محبت حاصل ڪرڻ لاءِ "حيدر"،
پنهنجي اکين جي پاڻي سان ڌوئڻي پوندي چائنٺ محبوب جي.

❋❋❋

گوشت جي هڪ ناتوان ٽڪري ۾،
جلوهِ خلوت ڳولي ورتم،
اسرِ يار جي مستي ۾،
مقام قدس جلالي ۾،
قيدِ زمان ۾ روح راحت ڳولي ورتم،
رنورِ بصيرت ۾ طلب چاهت ڳولي ورتم،
رشدِ هدايت ۾ اها عنايت ڳولي ورتم،
واردات  ِ غيب مان ٿيا نزول اهڙا اچي نازل،
آب رواني خوشبوءِ دوست ڳولي ورتم.
چراغ تمنا روشن،
ٿي ديدار دلبر لاءِ،
عقل حيران لقماني،
اها مسرت ڳولي ورتم.
اهلِ حال وارن سان،
ڪري ڪچهريون "حيدر"،
صلحِ  ڪمال جي صحبت  ڳولي ورتم.
نور بصيرت ۾ طلب چاهت ڳولي ورتم،
رشدِ هدايت ۾ اها عنايت ڳولي ورتم.

***



هڪ عڪس هڪ منظر،
ڪي نشان نيهن جا،
اڻ ڏٺل هستيءَ ڏانهن،
رڪي ڪين رڪندو ناهي،
واعدو ڪڏهن ٽٽندو ناهي،
نشو نينهن لهندو ناهي،
پنڌ پري يا ويجهو ناهي،
خبر ڇاهي منزل،
هڪَ س، هڪ راه،
پوءِ پيي بس لفظ نڪرندو ناهي،
واعدو ڪڏهن ٽٽندو ناهي،
نشو نينهن لهندو ناهي،
دل ڪيئن پرجي منهنجي "حيدر"،
دوست سولو ليندو ناهي،
واعدو ڪڏهن ٽٽندو ناهي،
نشو نينهن لهندو ناهي.

***

دنيا ڪي دولت دل ناهڻ چڏي ڏي،
رواجي محب محبوب بڻائڻ ڇڏي ڏي .
مشاهدا مجاهدا سڀ ڳالهه تصوف جي،
رازن تان پردا لاهڻ ڇڏي ڏي،
تنقيد ۽ تعريف،
نفعو ۽ نقصان،
تقدير کي تدبير سان ملائڻ ڇڏي ڏي،
اعتراض عشق تي،
ناهي ڪم اوساڻ،
غنيمت سمجهي "حيدر" سمجهائڻ ڇڏي ڏي،

***

رستي جون رڪاوٽون،
ڪرڻ صاف آهي فرض اسان جو "حيدر"،
جي نہ سمجهيو مسافر ان جو نصيب.

***



عجب لقا آهي،
اُن قادر مطلق جو
ڪري پاڻ جاٽي جنهن ۾ آهي پاڻ راضي،
ڏٺو ۾ جهالت،
ورلي ۾ عنايت ڪڍي پيو غفلت مان بڻائي غازي،
ڪري چاڪ چهرا حسينن جا هزارين،
جڏهن ونڊون ورڇي تي ورهائي ساقي،
اتي پهچي پئي پاڻهي حسينيت "حيدر"
جتي يزيديت جو ڪو آهي نشان باقي،
نهاري نوازين روئاري کلائين وهارين دڪارين هجين يار راضي،
رهيو حال هيٺو،
چڱو ناهي ماضي،
هجين يار راضي،
هجين يار راضي.

***

لڳل ڪو تماشو آه،
واھ فطرت جهان تنهنجو
نظر نظر ۾ قاتل آه،
دل ۾ دل ٽنگيل،
خوشي غمي مايوسيءَ جي وچ ۾،
هيءُ ويچارو انسان،
هر پاس عجب تماشو آهي،
ڪٿي رونشو ڪٿي ٺونشو
ڪٿي جهيڙو ڪٿي فتنو
ڪٿي محبتون، نفرتن جهڙيون،
اچن ۽ وڃن،
انتظار ۽ انتشار ۾،
ناهي خبر پاڻ ڪي،
حال ماضي فيوچر جي،
هڪ اميد هڪ سهارو
بي پهچ هي مسافر،
ڪڏهن صوفي، ڪڏهن جوڳي،
ڪڏهن رومي،
رمز روح جي،
سمجهہ سوچ سونهن جي،
ڪڏهن عقل، ڪڏهن علم،
ڪڏهن نخرو نوڙت جو،
ڪڏهن نظر نظارن ۾،



سج چنڊ تارن ۾،
خالق ۽ مخلوق جي ناتن ۾،
گرجا، ڪليسا مندر ۾،
خانقاهہ مسجد مينارن ۾،
ڳولهي ڳولهيون ويٺا "حيدر"،
الله جو روپ انسان ۾،
الله روپ انسان ۾.

❁❁❁

بي وفائن سان جي نہ پئي پنارو ”حيدر“،
تہ وفادار دوست ملي ڪيئن دنيا ۾،
ڪو شڪل جو راڻو
ڪو عمل سان اڪابر،
وانجهيل رهيو ويچارو
حسدي حيا ۾،
ڪنهن کي نصيب نوازي،
ڪنهن کي ناز نرڙ ۾،
ڪو يتيم يارن ۾،
اڪيلو سر دنيا ۾،
پلا پُٽَ پڌرا سڏبا آهن دنيا ۾،
ڪميڻا ڪار سان ليکبا دنيا ۾.

❁❁❁

حسد وارن لاءِ هڪ ”حيدر“ هيءَ چهروئي ڪافي آه،
نہ وڄائي بنگل تون بنگلاتيون،
ڪندل ڪڻ نہ ڪنپڙاتيون،
وڄائي هاڻ ساز چپراتيون،
رهين جهڙو تهڙو ڪافي آه،
نقل چڏ نقلي تون،
هڻ نہ هام علمي تون،
چريا يار وهمي تون،
اسان جو نالو هن پيڙو ڪافي آه،
حسد وارن لاءِ هڪ ”حيدر“ هي چهروئي ڪافي آه،
اسين ڪلهہ پيي هئاسين اڄ پيي آهيون،
اسين لعل بڻياسين آل جي واسطي،
تون ڪلهہ پيي چوڙو اڄ پيي چوڙو آهين،
تو جنهن نسل سان وير پاتو آه،
ان ئي ڄاتو سڃاتو آه،
تون لاءِ جنگ جهيڙو ڪافي آه،
حسد وارن لاءِ هڪ ”حيدر“ هي چهروئي ڪافي آه.

❊❊❊



سچن لاءِ هيءَ دنيا،
عين حقيقت ”حيدر“
ڪوڙن لاءِ هيءَ ڪائنات لحيہ ِ حسرت،
اڄان پيو تڪين،
راهون راڄداري جون،
ويون ڪائي ديوار کي ڪلر جون ڪٽيون،
بڻيون ڪين تنهنجيون،
رواجي خواهشون،
اڄان پيو تڪين،
اڄان پيو تڪين،
لهي سج ويو،
هن سال وارو،
خبر اٿئي ڪا لنگهي پيو سيارو،
چڙهي تي عمر يا ٿئي گهٽ پيو پارو،
اڄان پيو تڪين،
اڄان پيو تڪين،
سچن لاءِ هيءَ دنيا،
عين حقيقت ”حيدر“
ڪوڙن لاءِ هيءَ ڪائنات لحيہ ِ حسرت،
اڄان پيو تڪين،
اڄان پيو تڪين.

❊❊❊

چوڏهن منجهان چاليهه ٿيا،
چڱا مڙس راڄ جا،
ڪَنهن ڪياڙيون خوف مان،
ٻن منهان ڇُٽل هي چاليهه،
پيٽ جا پاليهه،
نجا سپ نروار ٿيا،
نجا سپ نروار ٿيا،
انڌا گونگا ٻوڙا،
پرک ڪين پرين جي نه سڄڻ ساڻ سوڙا،
وات هڻن وڪيلن جيئن،
جهڙا گهرن منجهه گهوڙا،
لنگهه ٻچ لنگوڙا،
رلي ويا راه ۾،
رلي ويا راه ۾،
چريا هي چشڪي جا،
ڪائي خطا وينا،
ڪريل جيئن ڦتڪي جا،
ناڪام زندگي جا،
پيا زهر اڇلن،
پيا زهر اڇلن،
ڪيڏ لال هٽي ڌمال،
هي لالچي لوپ جا،
قلب سندن ڪنگال،
نحوست منجهه نهال،
”حيدر“ هٽائي حبيب تون.

❊❊❊



اقرار وارن لاءِ ڪلن ٿا اسرار ”حيدر“،
انڪار وارن لاءِ ظاهر ناڪامي،
اسان ٻڌياسون ان در سلامي،
اسان لاءِ ڪافي اها ئي غلامي.

❊❊❊

اڄ پيي صبر جو نام حسين آه،
امن امان جو پيغام حسين آه،
دنيا جي تاريخ ۾ ٻاري چراغ سچ جو،
ڪوڙ جي تاريڪيءَ ۾،
سامهون بيٺو سرِ عام حسين آه،
ناني نبي جي نرم نرم نگاهن ۾ ٿي پالنا،
ان پيار کي ڪيو تمام حسين آه،
يزيد جي ضد کي ڪري تباهه ۽ برباد،
ڪيو گهر پنهنجو نيلام حسين آه،
جگر بتول آه،
خون علي آه،
حاضر ٿيو "حيدر" غلام حسين آه.

❊❊❊

هيءَ هوڪا عشق جا،
هيءَ شعبا صورت جا،
نچايان نينهن ڪري ناچون،
مهائي پاڻ مورت جا،
سلطنت عشق ۾ جڏهن پاتو پيير "حيدر"،
رفاقت يار سان قائم روحاني ڏن دولت جا،
مچيا من اندر ميلا،
محبوبن جي محبت جا،
سلامت شال رهن نشا نينهن نوبت جا.

***

مهٽا، طعنا، تنڪا اها آهي رسم فقيري،
اسان آهيون دوستو اويسي قلندري،
اسان آهيون "حيدر" حيدر جي دم سان،
پلي هٽو الزام ظاهر زهيري.

***



جي نہ ڪٽين تہ بهتر آه،
هن دل ۾ جڻ صبر آه،
جي ٿئي چهرو چٽو
تڏهن مدهوش بڻيو "حيدر" آه،
واه سخاوت تنهنجي ساقي،
پٽ بڻيو هي بشر آه،
تير توبن ساڻ صنم،
چاڻ جان بڻي پٿر آه .
ڪار ڪاريگر اتم هي نيڻ قاتل تو سندا،
ڪئين گم گمراه ڪيئي،
واري وصل ٿي وندر آه .
جي نہ ڪٽين تہ بهتر آه،
هن دل ۾ جڻ صبر آه،
جي ٿئي چهرو چٽو
تڏهن مدهوش بڻيو "حيدر" آه،
واه جي نہ ڪٽين تہ بهتر آه،
هن دل ۾ جڻ صبر آه.

***

اسان جي هام  حضوري آهه،
اسان جو  نام  نوري آهه،
اسان کي نہ ڪو ڄاڻي،
اسان کي نہ ڪو سڃاڻي،
اسان جي وک اڌوري ناهي،
اسان جي چاهت چوري آهه،
اسان جو ناز آهه نوڙت،
اسان جو راز آهه اونهو،
اسان جي سوز ۾ ”حيدر“ پوئيل شڪ سموري آهه،
اسان جي هام حضوري آهه،
اسان جو نام نوري آهه.

❋❋❋

ملي جنهن کي فراستِ فڪر "حيدر"،
انهيءَ جي نور نظر کي ڏج.

❋❋❋



ڪڏهن طالب ڪڏهن رهبر،
ڪڏهن رازن مٿي پردا،
ڪڏهن ظاهر ٿيو سامهون ڏئين ٿو سبق سکڻ جا،
اسان نادان ڇا ڄاڻون اهي راز سمجهڻ جا،
نہ چوڻ جا نہ ٻيهڻ جا،
بس پرين پيرين پوڻ جا،
ڪر قول اسان کي قبولڻ جا،
وڏو استاد آهين ”حيدر“ اي عشق اسان توکي مڃيو،
ڪاريگر ٿي سيکارين ٿو سيئي گر پاڻ خريدڻ جا،
ڪر قول اسان کي قبولڻ جا،
پرين پيرين پوڻ جا.

❋❋❋

ڪم عقل علم وارن سان رکيم واسطو "حيدر"،
چريا ٿي پياسين چاهت سيکارڻ واسطي.

❋

اسان جو رول ٿي بہ رولڻ لائيندو رنگ دنيا ڪي،
ٻليل ناهيون ڏينداسون دڳ ٻلليلن ڪي،
هي حسينائون فقط حال واريون،
اسان جون نظرون قال واريون،
اسان کي ڄاڻو اسان کي سڃاڻو
اسين ماڻهو مست ”حيدر“ ڪڏهن ظاهر ڪڏهن لڪيل،
اهي نمونا سڀ نينهن جا،
چون تصوف ۾ ان کي قلندري اويسي،
اسين رول ماڻهو رلياسين تہ ڇا ٿيو.

***

اسان گهڻو اڳ ۾ ڪنيو هٿ "حيدر"،
مگر دنيا ڀيڇو ڇڏيو نہ اڃان.

***



اسان جو نہ ڪنهن سان جنگ ۾ جهيڙو
نہ ئي تفرقو هيڙو تهيڙو
لڳي جي ساڙ توکي تہ ڇا ٿا ڪري سگهون،
اسان جو آه من دعائن جهڙو
ٻري ڪان ٻڏرا آهن اوهان جا لڇڻ،
ڪريون ڪيئن اوهان کي ڀاڻ ڀيرو
اسان نيچ نينهن ۾ ٿياسون جي ”حيدر“،
اسان جي سامهون سڄڻ هڪ جو چھرو.

***

رسڻ ۾ پرچڻ،
پرچڻ ۾ رسڻ اها محبت ۾ جائز "حيدر"،
ظاهر ڀاڪر پوبان نفرت،
اها منافق جي نشاني آه.

***

سيوهڻ شريف مرشد جو شهر،
لعل قلندر لعل قلندر،
تنهنجو رهبر منهنجو رهبر لعل قلندر لعل قلندر،
ناهي غرض ناهي لالچ،
اهائي غنيمت اهوئي در،
هڪ ئي نعرو هڪ ئي آواز،
منهنجو رهبر،
لعل قلندر،
جهڙو اندر تهڙو ٻاهر،
ڪر تون پنهنجو پاڻ کي ”حيدر“،
تنهنجو رهبر منهنجو رهبر لعل قلندر لعل قلندر.

****

قلندر ته سمندر آهي،
جنهن سيڪاريو هيءَ آه ”حيدر“
بغير پاڻي ٻي هلندي اوهان جي ٻيڙي.

***



اڪسير دل آ هيءَ فن عشق درود.
لڳي پئو هن سان اي جوانو.
دلبر جا ديوانو.
اي پرين جا پروانو.
ضرورت زندگي آ،
چاهت چشم آ،
سڀ ڪري پورو هيءَ گهر جن جو آشيانو
اڏيو اندر پنهنجي،
ڪيڏي نفس ظالم،
سجائي رکو ”حيدر“،
هيءَ شهبازي مئي خانو.

***

ويهه خوشبوءِ وارن سان گڏ "حيدر"،
ته لڳي پوي مهڪ عشق جي پيي توکي.

***

اچو تہ ڪجهہ سوچيون،
رمضانن جي روزي تي،
مهانگائي مجبوريءَ تي،
گرمي زورا زوري تي،
بجليءَ جي چوري تي،
اچو تہ ڪجهہ سوچيون،
ڪوڙ بخل ٺڳي تي،
رشوت منافع خوري تي،
رات سڄي هوٽل تي،
ڏينهن ننڊ گوري تي،
اچو تہ ڪجهہ سوچيون،
ٻارنهن مهينا مال پرائي تي،
هڪ مهينو پگهار حلال تي،
نہ رحم غريب جي حال تي،
اچو تہ ڪجهہ سوچيون،
مصلحت شيطان گيريءَ تي،
تيهہ ڏينهن نماز جماعت سان،
وڏا درس ايمان سلامتيءَ جا،
اچو تہ ڪجهہ سوچيون،
سمجهاڻيون بزرگن واريون "حيدر"،
ويندريون وسري عيد تي،
پراڻي سنگت، پراڻي صحبت،
ايمان تہ ٿئي مهمان اسان جو
اچو تہ ڪجهہ سوچيون.

***



جن علم مان سکيو
سي ٿيا علم اليقين.
جن ڪي صحبت صحيح ڪيو،
سي ٿيا حق اليقين،
"حيدر" تہ حيدر ڪي ڏٺو
"حيدر" ڪي مليو عين اليقين.

***

اچو ڪجهہ تہ روئون،
پرون پنهنجا پسائي،
ٽڏا سڏڪا پري،
اکيون آليون ڪري،
اچو ڪجهہ تہ روئون،
پنهنجي ڪردار تي،
ناقص ڪارڪردگي تي،
وڃايل وقت تي،
ڪوڙن واعدن تي،
دم دم دلاسن تي،
منافقي ياڪرن تي،
اچو ڪجهہ تہ روئون،

پنهنجن پراون تي،
مطلبي دوستن تي،
رهزن ٺڳن جي ٽولن تي،
مفت خور چڱن ڀلن تي،
اچو ڪجهہ تہ روئون،
لڪيل ڇپيل گناهن تي،
بي عمل افعالن تي،
لٻاڙي لوفري ڊاڙن تي،
اچو ڪجهہ تہ روئون،
ڪم ظرف تنگ نظر تي،
ڪاري قلب اندر تي،
سفر هم سفر تي،
اچو ڪجهہ تہ روئون،
"حيدر" هنيوڇيون هوڙائي واريون،
خامخاه خانہ خرابي واريون،
تون مان،
مان تون،
ڇڏيون اُره زورايون،
اچو ڪجهہ تہ روئون.

***



اجان پيو سمهين،
اجان پيو سمهين،
نٿو ڇو جاڳين،
نٿو ڇو جاڳين،
اي انسان،
اجان پيو سمهين،
وقت ويندو،
وري نہ ايندو،
ايندو تہ واپس ڪري جهور پوڙهو،
جواني تہ مهماني مثل ڄاڻ دوست،
ڪرين خرچ ڪيترو مگر مسافر سفر ڏانهن،
روڪيندين نہ رڪبا،
جوپن لمحا لطف جا،
روئيندين هٿندين هٿ "حيدر"،
اجان پيو سمهين،
اجان پيو سمهين.

***

پنج ٽڪن خاطر،
جيڪي وڪاڻا واٽ ۾،
انهن کي اسان جو سلام آهي دوستو،
واهه جو ڪيون سودو سستو،
نہ سبتو نہ ابتو
مال ميڙڻ ڪاڻ دوستو،
انهن کي اسان جو سلام دوستو،
وڏيون ڳالهيون،
وڏيون دعوائون، ريٽ صفا نارمل ناڻو،
انهن کي اسان جو سلام دوستو،
اڳتي اچڻ، پوئتي ٽيڻ،
اڪيلو اڪيلو گهمڻ،
چوري ڇپي، نڪري پوڻ،
انهن کي اسان جو سلام دوستو،
ياڪرن ۾ اچي هيڪر،
وري بغض رکي "حيدر" نہ هيڏانهن نہ هوڏانهن،
وچ جي يتيمن کي اسان جو سلام،
انهن دوستن کي اسان جو سلام دوستو،
پنج ٽڪن خاطر جي وڪاڻا،
انهن کي اسان جو سلام دوستو.

❊❊❊



ڳولهي ڏيو انسان مون کي،
ڳولهي ڏيو انسان مون کي،
ڏاڏي آدم جي ذات ۾،
هن حسين دلڪش ڪائنات ۾،
پره ڦٽي پرڀات ۾،
پکين جي مٺي لات ۾،
ڳولهي ڏيو انسان مون کي،
ڳولهي ڏيو انسان مون کي،
پڙهيل لکيل ماڻهو ۾،
فلسفي، مفڪر فاضل ۾،
جاهل پير ڇٽ ۾،
واندي پٽ وڏيري ۾،
ڳولهي ڏيو انسان مون کي،
ڳولهي ڏيو انسان مون کي،
شمس رومي رمز ۾،
سائين شاهه ڀٽائي ۾،
سچل ساري سچ ۾،
شهباز مست قلندر ۾،
نعري علي "حيدر" ۾،
ڳولهي ڏيو انسان مون کي،
ڳولهي ڏيو انسان مون کي.

❊❊❊

پھرئين اپريل جي ڦول وانگي،
همراه پڌرا پينگھي ۾،
ڪن جوءِ ڇڏي جنوري ۾،
ڪي ڦريا فيبروري،
ڪن منھن لڪايو مارچ ۾،
ڪن ڪي مئي ماريو جون ۾،
ڪن ڪي جولان لڳا جولائي ۾،
ڪي عاشق هليا آگست ۾،
ڪي ستا سيپٽمبر ۾،
ڪي آڪڙ ۾ آڪٽوبر جي،
نروار ٿيا نومبر ۾،
ڪي ڊنا ڊسمبر مان،
اسان "حيدر" پنڌ ۾،
ظاهر زمانا توڪيا،
همراه پڌرا پينگھي ۾،
پھرئين اپريل جي فول وانگر.

❊❊❊



منھنجا سائين منھنجا رهبر،
شھنشاه هن دنيا جا،
لعل قلندر توکي اسان جو سلام،
ادولاِ علي،
نخوِ رسول،
سائنڙ جي جگر ڪي،
اسان جو سلام،
جنھن ۾ سمايلِ حسين،
دردمندن جي دل جو چين،
نعره علي "حيدر" ڪي اسان جو سلام.

❊❊❊

اويسين ۾ ويھي تہ ڏس،
هِن قلندرين ۾ ويھي تہ ڏس،
هيءَ معرفت جا رستا آهن اهل دل لاءِ "حيدر"،
هِن عشق جي موالين ۾ ويھي تہ ڏس.

❊❊❊

مقامِ ولادت ۾ ڏس،
صاحبِ ولادت ۾ ڏس،
عزازت رسالت ۾ ڏس،
منصب ولايت ۾ ڏس،
اجان ۾ پڇين ٿو تہ ٻڌي وٺ
”حيدر“ منهنجو آهي رهبر هدايت ۾ ڏس.

❊❊❊

❊❊❊

فتنن جا شوقين ماڻهو
ذهنن جا زهري ماڻهو
ڪري ڪوڙ وجهن جهپيون چهرن جا چمڪي ماڻهو
ڳالهيون ڳڍائين پنهنجيون،
لٻاڙي رهزن رواجي،
”حيدر“ هيءَ چريا نہ ٿيندا،
حيدري قلندري ماڻهو
ڀلي زور لاهين هيءَ واپاري ماڻهو.

❊❊❊



نہ فرش تي نہ عرش تي،
هي آه عشق جو اهڙو ڪمال،
روح نچي پيو رقص ۾،
دل ۾ لڳي پئي ڌمال،
ڪڻ سنڀالي پير ”حيدر“ ڏس يار جو جلوي جمال،
پوئي بہ پڇين ٿو سوال هائي افسوس تنهنجي حال.

❊❊❊

روئاڙين ڪلائين،
نچائين پنهنجي سامهون،
وري پاڻ چوين چريو هيءَ ”حيدر“.

❊❊❊

حق سچ چوڻ ڏاڍو ڏکيو آ،
ها ۾ ها ملائڻ ڪم سولو آ،
ظلم کي للڪارڻ نالو حسين جو،
ٽيون ٺاه ٺاهڻ آهي روپ يزيد جو،
اسانجو نعرو "حيدر" آ،
اسان جو ايمان انسان آ.

***

جڏهن سرمون بصيرت جو،
ٿيو عنايت اکين منهنجين کي "حيدر" ،
تڏهن ڪان معلوم ٿيو حقيقت ۾ فرق مجاز جو.

***

ڪڏهن روح روئي،
ڪڏهن دل روئي،
ڪڏهن نفس روئي،
ڪنهن ڪنهن کي صبر ڪريان "حيدر"،
هي راز نرالو آهي،
هي دستور نرالو آ.

***



ڏنڍون ۾ ڏنڍورا ويندو پائي درياه،
اها حقيقت مڃ "حيدر"،
جڏهن ڪڪر قرب جا برسي پوندا،
ساوا گاه سڪ وارا سرجي پيهندا،
بي سهارا ڪکڙا لڙهي نڪرندا.

***

عشق جي وادي ڏاڍي ڳولهي اٿم ”حيدر“،
نہ ملي آبادين ۾ نہ ملي ويرانن ۾،
وري اچي لڌم انسانن ۾،
انهن بيگانن ۾،
جيڪي نہ پنهنجن ۾ نہ پراون ۾.

***

اي دنيا آئون ڏسندو رهيس ٿيڏي اکين سان توکي ”حيدر“،
تو ۾ منافقن جي ڪا ڪمي ڪانهي،
پر منهنجي اصولن ۾ ڪا تو لاءِ نرمي ڪانهي.
اسان جي عشق ۾ ڪا خلاف ورزي ڪانهي،
اسان جي دستور ۾ واپسي جي دستاربندي ڪانهي.

***

اسان کي ڳولهيو،
اسان کي لهو،
اسين آهيون هوڪا عشق جا،
نہ ڏسو انداز اسان جا،
نہ ڏسو روپ اسانجا،
اسين ماڻهو "حيدر" ناياب نہ سوڪا نہ اوڪا.

***

اسان چريائي ۾ چڪي چڪي چاهت جي،
چريا ٿي رهياسون،
چريا ٿي گهمياسون،
جڏهن عقل وارن ڪيون ڪچهريون اسان سان "حيدر"،
ڪٽي عشق هليا ڇڏي عقل پنهنجو.

***

شوق جو ڏيو ٻار دل ۾،
اونداهو ٿي ويو آهي جڳ هيءَ سارو،
چراغ محبت روشن ٿئي دور ڪري هيءَ ڏينهن ڪارو،
هيءَ سڀ سبق سک عشق جا "حيدر"،
ناهي چاه سوا ڪو چارو.

***



وڏيون ڳالهيون،
وڏا ماڻهو،
وڏا هئا سندن اعلان،
اسين ساڌا سڌا ماڻهو،
هُنن لڪايو اندر شيطان .
مون چپ جو روزو رکي،
ڏٺو تماشو پئي "حيدر"،
منافقت جي بارش ۾ پسندا رهيا ڪئين صلحِ ايمان.

***

ميرو سيرو تنهنجو هان،
جهڙو تهڙو تنهنجو هان،
ٽيڙو منڊو تنهنجو هان،
هي "حيدر" هن حال سان،
پيش سامهون پاڻ ٿيو،
ڍڪيا ڍول منهنجا
عيب هزارين هيڙو هان

***

دربدر ٿيندا رهيا،
ڀٽڪي ڀٽڪي مايوس ويچارا "حيدر"،
اسان کي تہ محب چيو محبوبن لڪائي رحمت ۾.

***

چٽڻ وارا چٽي پوندا،
فخوِ خزان جي سٽ نہ سهندين "حيدر"،
رهڻ وارن کي ڪنديون آهن،
بهارون خوش آمديد اچي.

❋❋❋

سنت عشق سيکارڻ وارا،
سنت سک "حيدر"،
اسان کان اچي،
ظاهر پيي، باطن پيي،
وفا پيي، جفا پيي.

❋❋❋

رکي خوش الله،
انهن منافق دوستن کي "حيدر“،
جنهن جي ڪري هي ميلا متل آهن.

❋❋❋

نڪر دنيا جي غم کان ٿورو ٻاهر "حيدر"،
حسين منظر پيا پيي آهين،
انتظار خوشي وارا.

❋❋❋



رهبر جي خبر گيري،
ڪر اهڙي حاصل "حيدر"،
سالم سالڪ ٿي ڪامل اڪمل ٿي وڃ سلوڪ ۾.

❋❋❋

اروڙي ٿي وڃ دنيا جو ڪچرو ڪري گڏ "حيدر"،
صفائي ڪم صوفين جو،
اهو عهدو وفائن جو.

❋❋❋

انسانن جي اڳيان "حيدر" روئڻ اجايو آه،
سمهاري جهان وارن کي،
روئي جاڳي تہ ڏس.

❋❋❋

جهرڪيون جهرڪيون ئي رهنديون،
باز باز ئي رهندا "حيدر"،
پرواز ۾ فرق آهي اڏام جو انداز پنهنجو آهي.

❋❋❋

جتي دل لڳي اتي امتياز ڇا جو "حيدر"،
هي عشق جو جهان آهي،
نہ رنگ خوشبوءِ ڪائي.

❋❋❋

توجه ڪندين ته،
توجه ڏيندي "حيدر"،
مئي خاني ۾ ايندين ته مئي نوش ڏيندين.

***

اکين جي چمڪ تي آهي اعتبار اسان کي "حيدر"،
هي ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿيون،
وينديون ڪجهه ڪري.

***

عجب دستور آهن،
عشق وارن جا "حيدر"،
انهن لاءِ قيامت آهي محبوب جي جدائي.

***

دشمن کي دوست،
ٺاهي سگهجي ٿو "حيدر"،
مگر منافق کان پاند بچائڻ چڱو آهي.

***

جتي چهرا اڇا اجرا،
رکن ڪارا قلب "حيدر"،
اتي واپار محبت جو ۽ بازار نفرت جي آه.

***



غم يار جو آهي،
آئينو دل "حيدر"،
انهيءَ کي ڦوڪ هٽي نه ڪر برباد وقت پنهنجو.

***

زبان سان نه ڏي ٻهارو دنيا ۾ نفرتن جو،
ڪر محفوظ محبت سان،
گفتا پنهنجا "حيدر".

***

جڏهن عشق جو باز شڪاري،
ويٺو اچي ٻانهن منهنجي تي،
تڏهن حوس حرس جا پکي ويا اڏري "حيدر".

***

صلحه ِ منزل ڏيڻ چاهين ته ڪر شوق محبت "حيدر"،
تماشو سمجهه دنيا کي،
رونشو سمجهه دنيا کي.

***

انسان کي انسان بس سمجهو "حيدر"،
ٻيون ڳالهيون پوءِ جيون،
ٻيا فيصلا پوءِ جا.

***

بي وفا سان،
وفا ڪرڻ ڪم آهي اسان جو "حيدر"،
دنيا کي سبق سيکاري ويندا سين وفا جو اسين.

❊

❊❊❊

ڪر حوالي پاڻ "حيدر"،
يا پاڻ ڪنهن جو ٿي وڃ،
نسبت نينهن جي ائين حاصل ٿيندي آه.

❊

❊❊❊

سڄي رات ٻرندا رهياسون،
ڏيئي وانگي "حيدر"،
صبح جو نڪرندڙ دونهون ڏٺو جهان سڄي.

❊

❊❊❊

ڏئي عشق جي ڇري،
"حيدر" اسان جي هٿ ۾،
چون ٿا ذبح ڪندا هلو.

❊



اگر حقدار ٿئين ٿو "حيدر"،
پوءِ طلبگار پيِ ٿي،
طلب منجهه گم ٿي بس هلندو هل.

❊

❊❊❊

مونکي نہ ڏي خوف،
دوست زوال جو،
آئون آهيان ڪمال "حيدر" لال جو.

❊

❊❊❊

منزلن جو تصور ناهي منهنجي سفر ۾ "حيدر"
بس هلندو هل،
ڪنهن جي خيال ۾.

❊

❊❊❊

محبت جو جار وڇايو اسان آهي "حيدر"،
جيڪو داڻو چڳندو،
اهو ڦاسندو ضرور.

❊

نفي ۾ نقصان،
آهي سراسر نفس جو،
اثبات سان اسباب حاصل ٿين ”حيدر “.

***

هر عڪس ۾ لڪيل نقش محبوب جو
ڳوليان پيو مان "حيدر" ،
هر هر نسبت نينهن جي.

***

ڪرڻ هدايت "حيدر " وينس،
نفس کي صبر جي،
پري شوڪارا ڇپائين ڪجھ حق اسان جو پيو تہ آهي.

***

نظريا نيهن ويهي،
سيکاريا پاڻ "حيدر"،
وري غلطيون پاڻ ڪرائي وينو.

***

زندگيءَ جي ٻين ڪمن ۾ اوٺهين ويهين،
هلي وڃي ٿي "حيدر"،
عشق جي دستور ۾ گنجائش ڪانهي ڪا.

***



نالائق مون نااهل کي،
وڏئي پاڪر پري اهڙا،
هزارن عيبن ساڻ ”حيدر“ اڳهامي ويو ائين جهٽ پٽ ۾.

*

ڪي لڪائي پڳا،
ڪي کولي هٽ ”حيدر“،
اسان اڃان آهيون قيد يار ۾.

*

انڌن سچ ڪي نہ ڏٺو
سچ جي تپش ڪي ڏٺو
”حيدر“ ڇا هو فقط وفا جو سڏ.

*

ڳولي ڳولي ٿڪيو پئون شهر سڄي ۾ هڪ وڪر وفا جو "حيدر"،
نااميد ٿيو موٽيو اچون،
ڪٺيو سامان شيطان گيريءَ جو.

*

وافر مقدار ۾ ٿئي پئي خريد خوشامد "حيدر"،
وڏو قحط ڏسون پيا،
سچ ۽ سچ وارن جو.

*

اڄ تاڄن واري ڪي تاج پوندا،
ٽيندي رسم وفا "حيدر"،
صاحب معراج جي ٻچڙي لال شهباز جو آهي غسل مبارڪ
دوستو.

❊

اسان پنهنجي وطن جي جي حفاظت جو ذمو ورتو آهي "حيدر"،
ڪٿڻ پري جي ڳالهه،
ڇانگهڻ ڀي ڪون ڏبا ڪنهن کي.

❊

ماڻهو سڀ موچارا،
ڳانا ڳچيءَ جا "حيدر"،
مونکي اهي وڻيا جنهن وفا ڪئي پرينءَ سان.

❊

ڪجهه تہ ڳالهيون،
منهنجين اکين ۾ ڳوليو دوستو،
هر ڳالهه ٻڌائڻ جي ناهي هوندي "حيدر".

❊

خلا ِ زندگي کي رک ڪنٽرول ۾ "حيدر"،
زهريلا دوست تنهنجو،
ڪجهه بگاڙي ڪو نہ سگهندا.

❊



حادثا حسن ڪرائي ٿو،
هزارين "حيدر" حياتي ۾،
واسطا يا بل واسطا رونما عشق وارن تي.

❊

لفظن ۾ لطيف آهي،
نخرن ۾ نفيس آهي،
اسان جي محبت جو مزاج الڳ آهي "حيدر".

❊

لڳل عجب تماشو آهي هر طرف دوستو!،
مصروف خدا ٽيڻ جي چڪر ۾،
اسان اهي ئي "حيدر" نوڪر پرينءَ جي پار جا.

❊

هنجن ۾ ويهارڻ وارا "حيدر"،
محبوب ئي تہ هوندا آهن،
مون کان نہ پڇون دوستو تصور مرشد جو.

❊

دنيا ۾ رهي،
ڪر دور دنيا کان پاڻ کي "حيدر"،
هنر ايندئي پوءِ دنيا جي اندر ۽ ٻاهر جو.

❊

هن دنيا جي رنگ روپن ۾ ڪيئن اعتبار ڪجي "حيدر"،
ڀاڪرن ۾ آيل دوست،
فرشتو آهي يا ابليس.

❊

واهه ڙي عشق تنهنجا ڪمال هن "حيدر"،
پهرئين ڪرائي گناهه،
وري عبادت جو چوين پيو.

❊

متان چريو چئي نہ وجهن،
منهنجي چاهت کي علم عقل وارا انسان،
مونکي هوش وارن ۾ "حيدر"،
مدهوش نہ ڪر محبوب منهنجا.

❊

ڪري اقرار جهالت جو،
پوءِ سڪ اچي "حيدر"،
ڀريل پيپ ٿئي خالي،
مزو ان ۾ رکيل آهي.

❊

شاباش عشق هجيو،
سڀ احساس ختم "حيدر"،
نہ رسڻ پرچڻ،
ڏک سک سڀ برابر.

❊



ڪميٽو ڪميٽو ئي رهندو،
ڀلي ڪافور عود ۾ وهنجاريو "حيدر"،
سچ سچو ئي رهندو،
ڀلي ڪوڙ ۾ وڌي ويجهي وڏو ٿئي.

❊

❊❊❊

نہ ماپن جي معيارن ۾،
نہ هوش حواسن ۾ "حيدر"،
نہ سڃاڻپ ۾ اچي ڪو،
سوا هڪ چهري ٻيو چهرو.

❊

❊❊❊

ڏنا جهٽڪا اهڙا،
هن عشق اسان کي،
ظاهر جوان لڳون پيا،
روح پوڙهو "حيدر".

❊

❊❊❊

ڪنڊن تي هلي اچين پائين ڀاڪر،
تہ هي "حيدر" حاضر آهه،
هي رستو نجات جو آهه،
هيءَ ڳالهه معرفت جي آهه.

❊

***

ڪر پاڻ کي عادي،
خوراڪ نور جو "حيدر"،
وسار هاڻ ويهي،
پڪل نان تندور وارا.

*

***

پڙهي پڙهي ڳولهيون سون،
دوست ڪتابن ۾،
هڪ نظر "حيدر" سيڪاري ويئي،
ڪمال عشق جا.

*

***

اسان جيئن تہ ڪوٺئي،
شلڪ ِ تير نظر الله ڪري،
پوءِ معلوم ڪجي ان ڪان "حيدر"،
محبت ڪهڙي علامت آه.

*

***

لڳائي دل تون "حيدر"،
ڪرين آرام ويهي سولو،
اهو ممڪن ئي ناهي،
قرب واري ڪتاب ۾.

*



***

دسترس، فهم فهراست،
علم عقل پوءِ پيي چپ "حيدر"،
اهو منصب قلندري آه،
اهو مقام فقيري آه.

*

***

ڪري عبادت زاهد،
فرشتو ٿي وڃ پلي،
انسان ٿيڻ لاءِ "حيدر"،
ٿي تيار ڏک لاءِ.

*

***

وصال يار ۾،
يا هجر ۾ "حيدر"،
سواءِ روئڻ،
ٻيو حل تہ ڪو نہ آهي ڪو.

*

***

نااهل ترين انسان کي،
قبول ڪرڻ،
ڪم اسان جو آهي "حيدر"،
اهوئي طڪم ِ فن آهي زندگيءَ جو.

*

❊❊❊

حاصل حضوري آهي،
دل کي اهڙي "حيدر"،
اکين ۾ لڙڪ آهن،
چپن تي مُرڪ آه.

❊

❊❊❊

گهڻيون ڳالهيون ٿيون،
وفائن جون "حيدر"،
اچو ٻيهر ٻاريون،
ڏيئو محبت جو.

❊

❊❊❊

اسان ڪينچي ڪيڏي دل مان،
سئي رکي سون "حيدر"،
ڪينچي ڪپي ۽ ڪوري،
سئي سنبي ۽ ڳنڍي.

❊

❊❊❊

ڪري بعيت عشق جي "حيدر"،
وٺ راهه محب جي،
اهو ڪم عاشقن جو،
اها واٽ مردن جي.

❊



❊❊❊

جستجوِ عشق ۾ "حيدر"،
ٿيو نصيب نقش قدم محبوب جو،
بخدا ان کان وڌيڪ اسان لاءِ،
ڪو منصب ڪونهي ڪو.

❊

❊❊❊

حال حاصل ٿيو،
خاموشيءَ ۾ "حيدر"،
راز راز ئي رهيو،
خيال خيال ئي رهيو.

❊

❊❊❊

منافقن جي منهن تي چماٽا ڏسان پيو،
گندا بيضا ۽ ٽماٽا ڏسان پيو،
"حيدر" کي حيرت ناهي ان جي حال تي،
لڱنديِن چهري تي سپاٽا ڏسان پيو.

❊

❊❊❊

اقرار وارن لاءِ کلن ٿا اسرار "حيدر"،
انڪار وارن لاء الظهرِ ناڪامي،
اسان ٻڌياسون ان در سلامي،
اسان لاءِ ڪافي اها ئي غلامي.

❊

***

اطاعت عشق ۾ گم،
جي ٿي وڃجي "حيدر"،
فراق جي چٽنگ مان،
ٿئي چراغ دل جو روشن.

*

***

جڏهن تاريڪ راهن جو راهگير،
ڪيو حوس پنهنجي تابع،
تڏهن حيدرِ ڪرار،
رهنما بڻجي آيو "حيدر".

*

***

وراثتِ عشقِ حيدر،
"حيدر" ڪي ڇو؟
ڳالهه سمجهه جي آهي،
سمجهه عشق ۾ آهي.

*

***

ڪر بحث پلي "حيدر"،
علم تو کي اجازت آهه،
اسان کي عمل ئي سيکاريو آهه،
خاموش رهڻ بهتر آهي.

*



***

حسن وارن کي ڪڏهن"حيدر"،
پلا ڪو ادائون سيکاريندو آهه،
جڏهن صورت سنوربي آهه ته،
سيرت سونهن ٿي ويندي آهه.

*

***

لڳي وئي لنئون توسان لالڻ لکڻ وسريو پڙهڻ وسريو،
الستي انگ پڙهياسين اڳ پڙهي اي بي سي ڪنداسين ڇا،
هئاسين شاهه "حيدر" اڳ نظر تنهنجي گدا ڪياسين،
زماني ۾ وري پيهر سڪندر ٿي ڪنداسين ڇا.

*

***

وسعت وسيع آهه،
عشق جي وادي جي "حيدر"،
جتي تعليم تبديل ٿي وڃي ٿي،
علم جي فن ۾.

*

***

مجڻ وارا هزارين هتڙي،
جاڻ پلا ڪو جاڻي يار،
اسين طالب تن جا "حيدر"،
ڳالهه جيڪا سمجهائي يار.

*

***

تو لفظ سجاتا آهن ظاهري،
اسان زمانا پچايان آهن "حيدر"،
تون نقل ڪرين ٿو لفظن جي،
اسان جي حرڪت ۾ پيي حڪمت عشق جي.

*

***

ڪري محبت هوائن سان،
نہ ٿيجي اداس،
اهو آهي عشق جو رواج "حيدر"،
سيني طوفانن جو رخ موڙڻو پوندو صبر سان.

*

***

درد ۾ سور،
جڻ فول اپريل وارو ڦوڪٽو،
ويندا هوا ۾،
"حيدر" اڏامي ڏڪڙا.

*

***

جي سچ کي سمجهن سچ،
پوءِ حسد کي ڪيڏانهن ڪن "حيدر"،
وڏا ڪوٽ ڪوڙ جا،
ڪرائيندو طوفان اچي عشق جو.

*



***

عشق جي وادي جا،
عجب اصول آهن "حيدر"،
جن پيي جهلڪ ڏٺي،
سي چريا ٿي پيا.

*

***

پري ڪان ڪندا رهيا اعتراض عشق تي "حيدر"،
جيڪي ويجها ٿيا سي جهنجي ويا.

*

***

دنيا وارا جنهن نڪتي تي اچي اٽڪي پيا،
اسان ان کي "حيدر" لڪايو سون دل ۾.

*

***

نفرتن جي صحرائن ۾ پوکيون پيا وڻ محبتن جا "حيدر"
لڳل آگ آهي اونهي وقت گهربو اجهائڻ ۾.

*

***

خزان ۾ لڏندين ڇڻي پوندڙ پن ٿيندا ڪاچ ڳترن جا،
بهار ۾ مهڪندين مزا ماڻيندا ساوا پتا "حيدر".

*

❊❊❊

جڏهن موسم بدلبي آهي ”حيدر“
مچرن جيئن منافق ظاهر ٿيندا آهن.

❊

❊❊❊

علم شهر لاءِ پهتس باب علم جي در تي،
وجهي پاڪر چيائين "حيدر" اسان جو تہ آهين.

❊

❊❊❊

ڪري ڇڏ بند دروازا سڀ ماضيءَ جا "حيدر"،
فقط کولي رک کڙڪي حال واري واديءِ عشق جي هوا لاءِ.

❊

❊❊❊

اسان کي نہ ڏيو چريائپ جو سرٽيفڪيٽ،
اي دوستو! ديوانا ٿيندا ناهن "حيدر" ٿاهيا ويندا آهن.

❊

❊❊❊

ڪوڙوارن کي پي نہ ڇڏبو آهي "حيدر "،
اها پي بي وفائي آهي فقيرن جي دستور ۾.

❊

❊❊❊

عشق جا پي نخرا آهن هزارين "حيدر"،
سمجهڻ ۾ ضرور وقت لڳندو آهي.

❊



❊❊❊

ڪائنات جي تخليق جو بنياد ئي محبت آه،
اسان جي مزاج ۾ "حيدر" محبت سمايل آه.

❊

❊❊❊

مجازي مان حقيقي جي ٿئي نصيب "حيدر"،
تہ مجاز وارن کي پي سلام ڪندو رهجان.

❊

❊❊❊

ويهہ خوشبوءِ وارن سان گڏ "حيدر"،
تہ لڳي پوي مهڪ عشق جي پي توکي.

❊

❊❊❊

ظاهر کي روشن جي ڪرڻ چاهين ٿو "حيدر"،
رک درست پنهنجو روحاني قبلو.

❊

❊❊❊

جڏهن تون نہ تون رهندين "حيدر"،
تڏهن پاڻ ۾ پنهنجو ڏسجان وينو.

❊

❊❊❊

اصل وارا اصليت کي نہ ڇڏيندا "حيدر"،
نقل وارن جا نخرا نئين سج نوان.

❊

❊❊❊

ظرف ۽ طلب ۾ آهي فرق "حيدر"،
ورنہ عطا تہ جاري آهي ساري.

❊

❊❊❊

ڪري ياد "حيدر" وٺ مزو وصل جو.
ڪڏهن نہ ڪڏهن ملي پاڪر پرين جو.

❊

❊❊❊

محبت جي بدعت ٿي عام "حيدر"،
اڇي ويئي شدت شايد دوستن ۾.

❊

❊❊❊

محبت جا دروازا کليل رکڻ ٿو چاهين "حيدر"،
نفس ۽ انا کي ضبط ۾ آڻي ڇڏ.

❊

❊❊❊

خزاني جي تلاش جو شوق هوندو آهي "حيدر" هر هڪ کي،
مگر پهچڻ ڪم نصيبن جو آهي.

❊

❊❊❊

دل جي ڳالهہ زبان تي آڻڻ مشڪل ڪونهي "حيدر"،
مگر دنيا ۾ عشق جي ٻولي سمجهائڻ آسان تہ ناهي.

❊



❊❊❊

جتي ضد حسد مان ٿين پيا نيڪ انسان "حيدر"،
اتي دين مذهب جي ڪندا ڪهڙي پرچار اهي ماڻهو.

❊

❊❊❊

عشق جي سرحد ۾ جڏهن داخل ٿيس "حيدر"،
هر طرف محبوب محبوب جا نعرا ٻڌڻ ۾ آيا.

❊

❊❊❊

ڪم ظرف مبلغ کان پڇ اي "حيدر"،
هو انسان کي ستائيندو انسان جي روپ ۾.

❊

❊❊❊

وقت کي وقت غنيمت ڄاڻ "حيدر"،
نہ ڪر ضايع زندگي کي زهر ٻڻائي.

❊

❊❊❊

اڻڄاڻ کي عشق جي ڏارا ۾ آڻڻ "حيدر"،
اهو سبق حاصل ٿيو آهي اسان کي.

❊

❊❊❊

زبان سان تبليغ ڪري سيڪو پيو "حيدر"،
اسان دل سان ڪرڻ تبليغ ڄاڻون ٿا.

❊

❊❊❊

منزل ٿي فيصلو ڪندي تنهنجو "حيدر"،

ناڪامي ۽ ڪاميابي جو.

❊

❊❊❊

مرڻ وارا مري ويندا وقت تي "حيدر"،

زنده رهي ويندا دل ۾ رهڻ وارا.

❊

❊❊❊

حسد جلن رنجش ٿيو اڄ رواج اسان جو "حيدر"،

انسان کي انسان مان ٿئي هڙ ڪيئن حاصل.

❊

❊❊❊

انسان کي "حيدر" لڳي نظر بد آهي.

تڏهن ان کي غرور ٿي انا آه پيدا.

❊

❊❊❊

ڪري تقويٰ زهد ٿي وڃ زاهد تون "حيدر"،

منزل وري به آهي عطا ان جي.

❊

❊❊❊

شدت عشق ۾ اهڙو گم ٿي وڃ تون "حيدر"،

جو محبت توکي پهچائي محبوب جي در تي.

❊



❊❊❊

هزارين آهن "حيدر" منتظر انتظار ۾،

اڃين سامهون جي سڄڻ ڪريان سجدا توکي.

❊

❊❊❊

پنهنجا هٿ زخمي نه ڪر اي دشمنِ "حيدر"،

اسان جو چاڪ چاڪ آهي جسم اڄان.

❊

❊❊❊

اسان کي نياڳن تي پيي آهي ناز "حيدر"،

جو لڳا پيا آهن چڱن کي چست ڪرڻ لاءِ.

❊

❊❊❊

اسان جو صبر ٿيو ڪم جو "حيدر"،

نيتن جي نانگ ڏنگيو تڪڙن کي.

❊

❊❊❊

زخمِ عشق کي ڇا چوان مان "حيدر"،

زم زم ڏنم زهر وارن جي هٿن ۾.

❊

❊❊❊

اسان جي ڪمزوري آهي منشور محبت جو.

ورنه هي "حيدر" نه رهي حصو ڪنهن جو.

❊

رابطن ۾ رکيو ڇاهي "حيدر" ،
منافقت کان واسطو ختم بهتر آهي .

❊

ڪيئن محب ۽ محبوب ڪن معاملا حل پيا "حيدر "،
مطالع محبت وارن کان پڇ اُها معجزا محبت جي.

❊

قبرن ۾ قيد ٿي رهڻ وارا هزارين "حيدر" ،
مگر دلين ۾ زنده رهڻ وارن کي ڳولهه.

❊

ڏي سچڻ سبز سنڌي عشق جي مون کي،
ورنہ محبت مهانگي ٿي وئي آه "حيدر".

❊

عشق جي عروج تي پهتو تہ حسين ئي پهتو "حيدر "،
دنيا کي سيکاري ويو سجاد سبق صبر جا.

❊

اسان تہ رضا تسليم تي خاموش "حيدر"،
مگر نفس نيرانو گهري حق پيو پنهنجا.

❊

"حيدر" کي ڏيکاري خواب حسين جميل،
چوين پيو توبهہ ڪر انهن سيني کان .

❊



عجب قانون آهن عشق جا "حيدر"،
جتي رحم جي اپيل پيي مسترد ٿي وڃي.

❊

لٿو لشڪر يزيد آهي ڪٽي نفرت سندو پرچم،
زماني ۾ وري "حيدر" ڪرايو گڏ هنن کي ڏس.

❊

ڀاڄوڪڙن ۾ ڀاڄ پئي اچي "حيدر"،
عشق جي سلطنت ۾ ڇا وڃي ويٺلن جو.

❊

ويوسال گذري هن زندگيءَ جو بي وفا ٿي "حيدر"،
مون هيوچيون هٽندين نہ سڃاتو وقت پنهنجي کي.

❊

دنيا خريدڻ جو هو ڏاڍو شوق "حيدر"،
پاڻ خريدجي پيس هڪ مرڪ جي مٽان.

❊

وڏي تمنا رکي دل جي پهتس درد ڀڏائڻ دنيا جا،
ڏسي چهرو سجڻ سامهون ٿي مست نڪتس "حيدر".

❊

اڄ بہ نفرتن ۽ حسدن جا گهمن پيا ابن ملجم سرِ عام معاشري ۾،
"حيدر" تہ اڄ بہ بيٺو آ حيدر جي نالي جي برڪت سان.

❊

جڏهن عشق سکڻ ويس محبوب جي در تي آئون "حيدر"،
هوش ئي وڃائي وينس ڏسي بي نقاب سجڻ کي.

❊

مخلصي مهانگي ٿيڻ بعد منافقت سستي ٿي پئي آهه "حيدر"،
بازار ۾ کلي ويا دڪان هر هنڌ دغا بازيءَ جا.

❊

اسان کي عشق هارايو "حيدر"،
اسان ڪٿي بازي محبت جي.

❊

شڪلين ۽ لباسن جي دوکي ۾ نه اچ "حيدر"،
سونگهي ڏس خوشبو عشق جي.

❊

منهنجو درد منافق دوست وانگر "حيدر"،
ڪڏهن ڪڏهن چيلهه ۾ چُهٽيو پوي ٿو.

❊

هر خوبصورت چهرو محبوب ناهي ٿيندو"حيدر"،
مگر محبوب ته خوبصورت ٿيندو آهي.

❊

جڏهن ڏٺم محبوب کي پنهنجي لباس بشر ۾ "حيدر"،
تڏهن کان هر بشر سان محبت وڌي وئي منهنجي.

❊

جتان انسان جا حوصلا ختم ٿين ٿا "حيدر"،
اتان رحمت خداوندي شروع ٿيندي ڪنهن روپ ۾.



❊

وهمن وڪوڙيو وچ ۾ ويچارن کي "حيدر"،
تسليم جي راهه ۾ سچ ڪوڙ جي جنگ آهي جاري.

❊

پاڻ ۾ پاڻ پيدا ڪيو نه درياهه نفرت جو "حيدر"،
لڳا پيا آهيون بند محبت جا ٻنڌڻ ۾ اسان اجان.

❊

اسان کي قيد نه ڪري رکو رسم رواجن ۾ اي زمانا،
اسان هاڻي ڪنهن ڪم جا نه رهيا آهيون "حيدر".

❊

جڏهن صاحب ارشاد ڳالهائيندو آهي زماني جي زبان ٿي "حيدر"،
رازن جا راز کلندا ويندا لفظ ٿي.

❊

قطب وقت قلمن سان گڏ رکندو آهي دسترس قلبن تي "حيدر"،
دروازا کلي پوندا آهن رازن ۽ نيازن جا.

❊

فڪر انسانيت جو علاج ڪندو هو فڪر پنهنجي سان "حيدر"،
حل ٿينديون وينديون پريشانيون حوص ۽ حرس جون.

❊

جي ڪندين گهڻي حوس "حيدر"،
ته حاصل جو مزو وڃائي ويهندين.

❊

نانگن سان پيي دشمني ڪري ڏٺي سون "حيدر"،
مگر منافق سان دوستي توبهہ استغفار.

❊

اسان پاڻ کي ڳولهيون پيا اڃان "حيدر"،
اوهان اسان جو پڇو پيا دوستو.

❊

جي ڪندين ترڪ خواهش "حيدر"،
تہ ﷲ يار ٿيندينءِ.

❊

پاڻ کان ٿي بي خبر "حيدر"،
تہ خبرن وارن جيون پون خبرون.

❊

عشق اهڙي رسم سيکاري ويو "حيدر"،
آهي جنهن ۾ صبر عجز شڪر تحمل ۽ رواداري.

❊

ڪريان پيو فڪري طواف، پنهنجي محبوب جو "حيدر"،
سمايان ٿو وجود فاني ۾ جلوا بقا جا دم دم.

❊

پيار جي پکين کي نہ لاهيو دل جي وڻ تان هيٺ "حيدر"،
هت هر طرف اڏامندي نظر ايندا عقاب نفرت جا.



❊

اچو تہ ان درسگاہ ۾ داخلا وٺون "حيدر"،
جتي دلين تي راڄ ڪندڙ پڙهائين ٿا.

❊

هجئي باطني اک اگر تو ۾ "حيدر"،
خبر پوئي تہ منهنجو قلندر ڇا آهي.

❊

صبر، شڪر ۽ هيٺائپ حاصل "حيدر" عشق ۾،
تمنا لوڀ لالچ، هٿيار منافق جا.

❊

دل وٽ چاهڻ جا پنهنجا اصول هوندا آهن "حيدر"،
هر ڪنهن جي لاءِ ڌڙڪن رکي نٿي سگهي

❊

خير ۽ شر جي رک پرک "حيدر"،
پنهي روپن جا ملندا انسان توکي.

❊

